SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1983

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1983

سنڌ لينڊ ريونيو (پي ترميم) آرڊيننس، 1983

THE SINDH LAND REVENUE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 56_A جي ترميم
Amendment of section 56_A of W.P Act XVII of 1967

3. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 70_A جي ترميم
Amendment of section 70_A of W.P Act XVII of 1967

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1983

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1983

سنڌ لينڊ ريونيو (پي ترميم) آرڊيننس، 1983

THE SINDH LAND REVENUE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[25 جولاءِ 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ ريونيو (پي ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ ربيع 83_1982 کان لاڳو سمجهيو ويندو جنهن جي شروعات پهرين آڪٽوبر 1982 کان ٿيندي.

1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعہ 56_

2. سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 56_A ۾:

A جي ترميم
Amendment of section 56_A of W.P Act XVII of 1967

(i) شق (a) ۾ لفظ "پنجويهه" لاءِ لفظ "ايڪاڻ" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) شق (b) ۾ لفظ "پنجاهه" کي لفظ "پنج" سان متبادل بڻايو ويندو.

(iii) شق (c) ۾ لفظ "پنجويهه" لاءِ لفظ "ايڪاڻ" کي متبادل بڻايو ويندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 70_A جي ترميم
Amendment of section 70_A of W.P Act XVII of 1967

3. جاڻايل ايڪٽ جي دفعه 70_A ۾ ٽيبل ۾ هيڻان وضاحت کي هيڻين ريت تبديل ڪيو ويندو:

ٽيبل

1	2	3
(a)	مالڪ جيڪو زمين رکندو هجي: (i)آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا ايڪاڻ ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر ساڍن ٻارنهن ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي؛ (ii)غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا پنج ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر پنجويهه ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي؛ (iii)آبپاشي تي آباد ٿيندڙ ۽ غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين، جيڪا مجموعي طور	هڪ سئو پنجاهه سيڪڙو ليند روينيو جيڪو 18 جولاءِ 1972 کان اڳ اوڳاڙيو ويو جيستائين هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت استيٽمينٽ ريٽ تي نظرثاني نٿي ڪئي وڃي.

	آباد زمين جي سادين ۾ارنهن ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي.	
(b)	مالڪ جيڪو زمين رکندو هجي: (i) آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا سادين ۾ارنهن ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر پنجويهه ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي؛ (ii)غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا پنجويهه ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي؛ (iii) آبپاشي تي آباد ٿيندڙ ۽ غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين، جيڪا مجموعي طور آباد زمين جي پنجويهه ايڪڙن کان وڌيڪ نه هجي.	۾ سئو سيڪڙو لينڊ رويينيو جيڪو 18 جولاءِ 1972 کان اڳ اوڳاڙيو ويو جيستائين هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت استيٽمينٽ ريٽ تي نظرثاني نٿي ڪئي وڃي.
(c)	مالڪ جيڪو زمين رکندو هجي: (i) آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا پنجويهه ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ	ٿي سئو سيڪڙو لينڊ رويينيو جيڪو 18 جولاءِ 1972 کان اڳ اوڳاڙيو ويو جيستائين هن ايڪٽ جي

	نہ هجي؛ (ii)غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جيڪا پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر هڪ سئو ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي؛ (iii)آبپاشي تي آباد ٿيندڙ غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين، جيڪا مجموعي طور تي آباد زمين جي پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي.	گنجائشن تحت استيٽمينٽ ريٽ تي نظرثاني نٿي ڪئي وڃي.
(d)	مالڪ جيڪو زمين رکندو هجي: (i)آبپاشي تي آباد ٿيندڙ پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ زمين؛ (ii)غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ هڪ سئو ايڪڙن کان وڌيڪ زمين؛ (iii)آبپاشي تي آباد ٿيندڙ غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين، جيڪا مجموعي طور آباد زمين جي پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ هجي.	چار سئو سيڪڙو لينڈ روينيو جيڪو 18 جولاءِ 1972 کان اڳ اوڳاڙيو ويو جيستائين هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت استيٽمينٽ ريٽ تي نظرثاني نٿي ڪئي وڃي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ:

(a) آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جو هڪ ايڪڙ غير آبپاشي تي آباد ٿيندڙ زمين جي بن ايڪڙن برابر هوندو؛

(b) "زمين" مطلب اها زمين جيڪا صوبي ۾ يا صوبي کان ٻاهر دفعہ 56 جي شقن (b)، (c) ۽ (d) ۾ ڇاڻائي وئي آهي؛

(c) "زمين جو مالڪ" جنهن ۾ شامل هوندا؛

(i) حڪومت جي ڪنهن اسڪيم تحت ڪنهن زمين جو الاٽي يا گرانٽي، جنهن تحت اهڙي الاٽمينٽ يا گرانٽ مالڪي ۾ تبديل ٿيٽي آهي؛

(ii) سرڪاري زمين جو ليزي؛

(iii) اهو شخص جنهن گروي رکي هجي اها زمين جيڪا سندس تحويل ۾ هجي، يا ان جو حصو هجي، يا

(iv) هڪ شخص جنهن کي زمين ۾ مستقل حق يا دلچسپي هجي."

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.